# سنڌ ۽ هند
# جون
# پاراٽيون ڪهاڻيون

## مرتب
محمد عليءِ ماجد

ڪمپوزنگ: عبدالجبار شيخ سکر

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net

حق ۽ واسطامحفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب: | سنڌ ۽ هند جون ٻاراڻيون ڪهاڻيون |
| موضوع : | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون |
| مرتب: | محمد علي ماجد |
| ڇاپو پهريون: | 2008ع |
| لي آئوٽ: | طارق احمد انصاري |
| ٽائيٽل ڊزائين: | ڪپتان ابڙو |
| پيسٽنگ : | قمر گهانگهرو |
| ڇپيندڙ: | ذڪي اينڊ سنز ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي |

قيمت:30 روپيه

Sindh ain Hind joon baranion kahanyoon
(Collection of Short stories for children)

| | |
|---|---|
| compiled by: | Muhammad Ali Majid |
| Printed by: | Zaki & Sons Karachi |
| Publishedby: | Kasho Publication Karachi |

Price Rs:30/

# ارپنا

## اڪبر جسڪاڻي جي نالي

هي ٻي سمجهه سمجهو هي اڻ ڄاڻ ڄاڻو
پري مون بزم ۾ اڪيلو گذاريو

محمد علي ماجد

# ڪهاڻين جي ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| 1. | ٽڳيءَ جو ٽاهه | اڪبر جسڪاڻي |
| 2. | چنڊ ۽ چڪور | پروانو سيوهاڻي |
| 3. | جيتن جي ڪانفرنس | ادل سومرو |
| 4. | سياڻي راڻي | ومي سدا رنگاڻي |
| 5. | ٽَلو پَينوُ | ج.ع .منگهاڻي |
| 6. | لَغَڙُ | عزيز ڪنگراڻي |
| 7. | ڪچي جي سوڪڙي | امام راشدي |
| 8. | مار ناهي سنوار | انور ابڙو |

# اڪبر جسڪاڻي

| | |
|---|---|
| پيءُ جو نالو: | حاجي چام خان جسڪاڻي (جيڪو علائقي جو مشهور پيري هيو) |
| جنم | پهرين سپٽمبر 1958ع |
| پرائمري تعليم: | پرائمري بوائز (مين) اسڪول جوهي |
| سيڪنڊري تعليم: | هاءِ اسڪول جوهي |
| انٽر ميڊيٽ | گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو |
| بي.اي | گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو |
| نوڪري: | پيارو ڳوٺ شگرملاز ۾ ڪلرڪ ،ادبي بورڊ ۾ لائبريرين ماهوار گل ڦل رسالي جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، 1987ع کان گل ڦل جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. |
| ازدواجي حيثيت: | غير شادي شده |
| ادبي ڪم: | ڪهاڻيون، شاعري ۽ ڪالم لکيا |
| ڪتاب: | (1) رمون پيتي (ڪهاڻيون) 1983ع<br>(2) ٻتين واري ناني (بايوگرافيڪل ناوليٽ) 1984ع (ٻنهي ڪتابن کي ٻاراڻي ادب جي حوالي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان سال جا بهترين ڪتاب طور انعام مليا)<br>(3) خيرو حجم (ڪهاڻيون)<br>(4) گلڙن جا گهاءَ (ڪهاڻيون) |
| سياست: | 1975ع ۾ جيئي سنڌ جو ميمبر ٿيو بعد ۾ جيئي سنڌ پروگريوسو پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۾ رهيو. |
| جيل ياتراءِ مٿس مڙهيل ڪيس | 1975ع سنڌ ڪرائيمز 1976ع شيرين ڪيس |

سهڪاري تنظيمون: سنڌ هاري ڪاميٽي ايس اين ايس ايف ساٿي ٻارڙا ۽ سنڌي ادبي سنگت جوهي برانچ(جيڪا اڳ ۾ نہ هجڻ جي برابر هئي ان جي سسي ۾ ساهہ وڌائين)سان لاڳاپيل

حياتي جي پڇاڙي: 13 اگسٽ 1989ع تي سحرش نگر جي هڪ ڪمري واري گهر مان هميشہ لاءِ ٻوٽيل اکين سان مليو.

# ٺڳيءَ جو ٿاهه

ٻارو ڪڏهن توهان جي گهر ۾ ٻه ائين ٿيو آهي ج جوڳي فقير آيو هجي ۽ صدا هنئي هجئين.آهي الله آيو ڏاري وارو جوڳي فقير موليٰ برڪت وجهندو پوءِ گهر ۾ مايون فقير وٽ ڏاري لاءِ مڙي ويون هجن.ٻارو اهو فقير جو ڏارو رڳو هن جي ڳالهائڻ جو ڍنگ ئي آهي.هن کي خبر هوندي آهي تہ گهر ۾ عورتون پاڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي ضرور ٺڪريل هونديون آهن.پوءِ هو اهريون ڳالهيون ڪندو جن ۾ ڏاري وجهرائڻ واري عورت کي معصوم ،دل جي صاف ڏيکاريندو ۽ چوندو پر ڪا مائي آهي جا پٺي تنهنجي خلاف تنهنجي مڙس کي پڙڪائي .پوءِ اڌ ڳالهيون مائي فقير کي ٻڌائي ويندي ۽ فقير وري انهن ۾ چٽ گل وجهي ائين پيش ڪندو فقير تہ پئسا وٺي ڏاڍو وٺي رمندو رهندو ۽ مٿان مائن جو پاڻ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويندو.ها تہ ٻارو ڪڏهن توهان جو ٻہ جي ڪنهن جوڳي سان واسطو پوي تہ ڪيسي جو خيال رکجو.مون هڪ جوڳي سان ڪچهري ڪندي ان کان پڇيو تہ يار پيلا هي نانگ جو علم ڪٿان ٿا سکو.پهريائين کلي ڏنائين پوءِ چيائين "يار علم پلم ڇا جو" ان مون کي هڪ سانچو ڏيکاريو جيڪو نانگ جي منهن ۾ ڏيندا آهن ۽ نانگ جا ڏند ان ۾ ڦاسي پوندا آهن ۽ پوءِ چڪٽيءَ سان اهينڪري ايندا آهن.ٻيو چيائين تہ هو پهرين نانگ کي منڊيءَ مان زور سان جهليندا آهن ۽ نانگ منهن ڦيري نہ سگهندو آهي پوءِ ان کي ٺپٽي ۾ وجهي گهر ۾ ڏند پٽيندا آهن پر ان لاءِ تجربو ضروري آهي.ها تہ ٻارڙو اهو نانگن جو جادو وغيره ڪجهہ ڪونهي ها سچ ٻي ڳالهہ ياد اچي وئي آهي مان گهر ۾ ويٺو هوس.اسان جي گهر ۾ هڪ سوني منڊي چوري ٿي وئي هئي پوءِ هڪڙي پوڙهي مائي کي وٺي آيا هئا جنهن ڪوري دلي کي پٽ تي رکيو ۽ هڪڙي ٻارڙي کان اُن تي هٿ رکرايو پوءِ شڪي ماڻهن جا نالا وٺڻ لڳي.هڪڙي نالي تي دلو ڦرڻ لڳو.مون ڏٺو تہ ان ڦال واري مائي نالو وٺندي هٿ جي تري دلي سان ائين لڳائي جو دلو ڦرڻ لڳو.سيني واهہ واهہ ڪئي.مون سڀ ڪجهہ اهو ويٺي پري کان ڏٺو اٿي اچي دلي مٿان هٿ رکيس ۽ ڦال واري مائي کي چيم تہ ماسي هاڻ هي نالو وٺ تہ دلو ڦري پوڙهي ڳالهہ سمجهي وئي.ڇئي تون هٿ ڪڍ تہ مان پوءِ پڙهندس گهٽي چوڻ تي ڦال واري ڪاوڙجي هلي وئي ۽ گهر وارا ڏاڍا ڪاوڙيا تہ تون هن کي خوام خواهہ ڪاوڙائي ڇڏيو.جنهن مائي جو نالو وٺي وئي گهر وارن ان سان جهيڙو شروع ڪري ڏنو پر شام جو جڏهن اڱڻ تي ڪٽون

ڪڏي هنڌ وڇايا پيو ويا تہ ان ننڍڙيءَ رليءَ کي چنڊڪو جو آيو تہ منڍي ڪا هنڌ ۾ ڪري پئي هئي.سا وڃي هيٺ ڪري سيني جي آڏو مان سچو هئس ۽ هوءَقال واري ڪوڙي نڪتي تہ ٻارو اهي سڀ رسمون پراڻي دور جون آهن هن دور ۾ پلا جي جادو ڦيٽن وارا پاڻ چو ٿا وتن مجموعا لڳائيندا اهي مداري جيڪي ڪرتب ڏيکاريندا آهن سا بہ هٿ جي صفائي هوندي آهي ورنہ سؤ مان پنج سؤ ڪرڻ جي سولو هجي ها تہ پوءِ اهي گهر ويٺا هجن ها ۽ جادو جي زور تي پئسا ناهن ها.ٻارؤ اسان جي گهر ۾ هڪ اهڙي ڪوٺي آهي جنهن ۾ ڪير بہ نہ سمهندو آهي.چوندا آهن تہ هن ۾ جن آهن پر مان ان ۾سمهندو آهيان پهرئين جڏهن ستو هوس تڏهن ڊپ ٿيندو هئو هڪ رات تہ مون کي نرم شيءِهٿ ۾ لڳي هئي.سوچيو هوم تہ رڙيون ڪيان پرپوءِآهستہ آهستہ اٿي بجلي جو بلب ٻاريم تہ ڏسان ٻلي بالم لڳيو ستي پئي آهي.ها تہ ٻارو جي رڙ ڪري اٿان ها ۽ ٻلي ڀڄي وڃي ها چوان هاتہ ڪا ڪوئنري شي هئي.سو ٻارو سائنس جي اصول موجب ڏسڻ چکڻ محسوس ڪرڻ ۽ ڇهڻ سان جيڪي شيءِ واسطو رکي ٿي ان کان سواءِ ڪنهن شيءِ جو ڊپ ڪرڻ صرف وهم آهي توهان ڊچو نہ توهان ڪڏهن بہ سجاڳ هئڻ وقت جن نہ ڏٺا هوندا اڌ ننڊ ۾ خواب جي صورت ۾ انڪري ڏسندا هوندا.جو مائٽ ڏينهن جو اهڙيون ڳالهيون ڪري توهان کي ڊيڄاريندا هوندا هاڻ اڄ کان پوءِ انهن ڳالهين کي تجربي ۾ آڻيندا تہ اهي سڀ نڳيءَ جا ناهہ آهن.(آڪتوبر 1987ع تحت هفتيوار "سنڌ سجاڳ" ۾ ڇپيل)

# پروانو سيوهاڻي

نالو: منظور علي سومرو
جنم جو هنڌ: سيوهڻ
جنم: 21 جولاءِ 1958ع
تعليم: ايم اي سنڌي ادب
ڪرت: پڙهڻ ۽ پڙهائڻ
لکڻ جي شروعات: 1973 ع
ڇپيل ڪتاب: چنڊ ۽ چڪور(ڪهاڻيون)ٽياسي جا ٽي ناٽڪ،تماشو(ڪهاڻيون) پکين جي ديس ۾(ڊراما)منهنجون يادون منهنجو نندپڻ(آتم ڪهاڻي) اڏام(ڪهاڻيون) علم جي گولا(ناول) چانورو(ڪهاڻيون) گيت پروليون(ٻاراڻي شاعري) ان کان سواءِ ٻارن لاءِ سرهاڻ مئگزين جا سؤ کان مٿي پرچا ڇپيل
ايڊريس: سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ

# چنڊ چڪور

پپو اجا مس ٻنڌندڙن ۾هو تہ چانڊوڪين راتين ۾ هو چمڪندڙ چنڊڪي ڏسي ٽهڪڙا ڀيوڏيندو هو ۽ سندس امڙ ڪيس سمهاري پاڻ وڃي گهر جو ڪم ڪارڪندي هئي تہ پپو چنڊ کي چمڪندڙ ڪينوئڙو سمجهي پنهنجا پتڪڙا هٿ چنڊ ڏانهن ڪٽي چنڊ کي پڪڙن جي ڪوشش ڪندو هو ۽ پنهنجي منهن سان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو هو پر جڏهن چنڊ سندس هٿن ۾ نہ ايندو هو تہ يڪدم وڏي آواز ۾ روئڻ لڳندو هو ماٽس پپوءَ جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ سان ئي پنهنجا سمورا ڪم ڪار ڇڏي اچي پپوءَ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائيندي هئي ۽ چنڊڏانهن پنهنجي آڱر جو اشارو ڪندي چوندي هئس تہ”اوهيو مامو چنڊ“ ۽ پپو مامي چنڊ جو نالو ٻڌڻ سان پنهنجي روئڻ کي بند ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ رات اوچتو پپوءَ پنهنجي ماءُ سان ڪيتو ڪيو تہ ”مامو چنڊ منهنجي هٿن ۾ آڻي ڏي تہ آءٌ ساڻس راندڙي ڪڏان.ماٽس پپوءَ کي گهڻو ئي سمجهايو چيائينس تہ منهنجا چڪور پٽ تنهنجو (ماموچنڊ) توکان تمام گهڻو پري آهي.هو اسان وٽ نٿو پهچي سگهي ۽ نہ وري اسان ٿا چنڊ تي پهچي سگهون پر پپوءَ پنهنجي امڙ جي هڪ بہ ڪانہ ٻڌي ڏاڍو ضد ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي امڙ کي چوڻ لڳو ”چنڊ مون کي آڻي ڏيو تہ آءٌ چنڊ سان راند رهان“هو روئيندو رهيو ۽ ماٽس پپوءَکي سمجهائيندي رهي.

ايتري ۾پپوءَ جو پيءُ بہ اچي ويو پپو پيءُ کي ڏسي اجان بہ وڌيڪ روئڻ لڳو ڪيس اها پڪ هئي تہ ابو مون کي چنڊ ضرور ڏيندو پٽس پپوءَ جي مٿي تي پيار ڀريو هٿ ڦيري چيائين”پپو چو تو روئين سٺا ٻار تورئي روئيندا آهن هن پپوءَ جي ڳل تي چمي ڏيئي ڪيس ڇاتيءَ سان لاتو.

پپو پيءُ جوپيار ڪرڻ سان تمام گهڻو خوش ٿيو سندس سڏڪا ٽهڪن ۾ بدلجي ويا ۽ پپو پيءُ کي چوڻ لڳو ابو مون کي چنڊ آڻي ڏيو تہ آءٌ چنڊ سان راند رهان هن چنڊ ڏانهن پنهنجي آڱر جو اشارو ڪندي پٽس کي چيو

پٽس ٻنا ڪنهن دير جي ڪيس چيو”پپو آءٌ هاڻي جو هاڻي تو پنهنجي پٽ کي چنڊ آڻي ڏيان“پٽس پيار ڏيندي پپوءَ کي چيو

اها رات چوڏهين جي رات هئي چنڊ بہ چوڏهن سالو حسين جوان اڙٻنگ ۽ جوڌو بنجي ڌرتيءَ تي چرندڙن ۽ پرندڙ انسانن کي پنهنجي جوت ۽ جمال جا جوهر ڏيکاري رهيو هو.

پپوءَ جو پيءُ ڪمري مان آرسي کڻي آيو ۽ آرسي چنڊ ڏانهن ڪري پپوءَ کي ڏيکاريائين تہ آرسيءَ ۾ چنڊ جو عڪس ڏسڻ ۾ آيو چنڊ پنهنجي پر ۾ ڏسي پپو ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو۽ خوشيءَ مان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو سندس پيءُ ۽ ماءُ پپوءَ کي خوش ڏسي پاڻ بہ خوش ٿيڻ لڳا.

جڏهن پپو سمجهہ ڀريو ٿيو تہ کيس خبر پئي تہ چنڊ اسان کان تمام پري آهي پر پپوءَ کي چنڊ سان اوتري محبت هوندي هئي.جيتري هن کي ٻالڪپڻ ۾ هوندي هئي.

رات ٿيندي هئي تہ ماڻس کيس ”چنڊ ۽ چڪور “جي آکاڻي ٻڌندو هيو.کيس دل ئي دل ۾ (چڪور) پکيءَ ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ هو پاڻ کي بہ(چڪور)محسوس ڪرڻ لڳو.ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻس بہ پيار مان کيس ”چڪور “ ڪري سڏيندي هئي.

مزي جي ڳالهہ آهي تہ پپوءَ جي گهر جي سامهون ماما چنڊ جو بہ گهر هيو سڄو شهر کيس(چاند خان) سڏيندو هو پر پپو کيس ”مامي چنڊ“جي نالي سان سڏيندو هو”چاند خان“پپوءَکي جتي بہ ڏسندو هو تہ مرڪي چوندو هيس”پپو بيٹے کيا حال ہے“ ۽ پوءِ پنهنجي کيسي مان پائولي کڍي سنس هٿ تي رکي چوندو هيس ”لو ٹافی لینا“۽ پوءِ ڪپڙي جي بجڪي هٿن ۾ وجهي تڪڙو تڪڙو جانورن جي اسپتال ڏانهن رخ رکندو هو اتيئي ملازمت ڪندو هو.

هڪ ڏينهن پپو پنهنجي پيءُ کان پڇيو هيو”ابو مامي چنڊ جو اصلي ڳوٺ ڪٿي آهي“ تہ پڻس ٻڌايو هيس تہ ورهاڱي کان اڳ هو هندستان ۾ رهندا هئا پوءِ سنڌ ۾ لڏي آيا ان وقت آءٌ بہ تو جيترو هيس.

جيئن جيئن پپو وڏو ٿيندو پي ويو تيئن تيئن سندس سوچ ۽ سمجهہ ۾ اضافو اچڻ لڳو ۽ هو عجيب غريب حرڪتون ڪرڻ لڳو سندس پيءُ ماءُ پپو جو مزيدار شرارتون ڏسي بئي زال مڙس چوندا هئا تہ پپو وڏو ٿي سائنسدان ٿيندو انهيءَ ڪري پپوءَ جي گهر وارن پپوءَ کي ننڍپڻ کان وٺي سندس آزاد ماحول ڏيئي ڇڏيو جيئن پنهنجو عملي ڪم بغير ڪنهن روڪ جي ڪري سگهي.

هڪ دفعي پپوءَ کي ڪلاس ۾ استاد سائنس جي پيرڊ ۾ سمجهايو هيو تہ ”اڄ جي انسان تمام گهڻي کوجنا ڪئي آهي ايتري حد تائين جو اڄ جا انسان وچي چنڊ تي رسيا آهن ۽ توهان اجان اوتي جو اوتي بيٺا آهيو“پپوءَ کي پنهنجي استاد جا چيل اهي جملا

سندس ڪنن ۾ لڳاتار گونجڻ لڳا هن ڪي بہ چنڊ تي وڃڻ جو خيال ٿيو تہ جيڪر آءٌ بہ چنڊ تي وڃان ۽ وڃي چنڊ جو سير ڪري اچان.پنهنجي ذهن ۾ اهو سڻاءُ سٽي هن چنڊ تي وڃڻ لاءِ هڪ پاڻي جي چنڊ گاڏي ناهي جڏهن چنڊ گاڏي نهي تيار ٿي تہ هن جي ذهن ۾ خيال آيو تہ آءٌ "چنڊ گاڏي" ابو کي ڏيکاريان.هو اها "چنڊ گاڏي" ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو.

پپو اجان انهيءَ سوچ ۾ هو تہ سندس ڪلهي تي هلڪي ٿڦڪي هڻندي چيو"پٽ ڪهڙا حال اٿئي" سندس هٿ ۾ هڪ ڀاراٽو رسالو هو اهو رسالو پپو کي ڏيندي چيو اچي هي وٺ تنهنجي لاءِ سوکڙي آندي اٿم"سوکڙي"پپو خوش ٿيندي چيو.

"ها ......سوکڙي ۽ اها سوکڙي جيڪا تنهنجي رهبري ڪري"سندس ابوءَ ڪيس پيار وچان سندس وارن کي هٿ ڦيريندي چيو.

"پپو پٽ هي ڇا ناهيو اٿئي؟"سندس جي نظر چنڊ گاڏيءَ تي پئي جيڪا پپوءَ ناهي هئي"

"ابو هيءَ چنڊ گاڏي آهي."پپو خوشي مان ڇپن تي مرڪ آڻيندي پيءُ کي جواب ڏنو جيڪو حيرت مان چنڊ گاڏيءَ کي ڏسي رهيو هو.

"چنڊ گاڏي" پٽس اچرج ڪائيندي چيو

"ها ابو ...چنڊ گاڏي آءٌ هن تي چڙهي چنڊ جو سير ڪرڻ ويندس"

"ها پٽ تون ضرور چنڊ تي ويندين"

"ابو چنڊ ڌرتي کان ڪيترو پري آهي؟"پپوءَپٽس کان پڇيو جيڪو حيرت سان پپوءَ ڏانهن نهاري رهيو هو.

"پٽ چنڊ اسان کان ڪروڙين ميل پري آهي."

"ڪروڙين ميل ابو"

ها ڪروڙين ميل پپو اچرج وچان آڱر وات ۾ وجهندي چيو.

"ابو اوهان کي خبر آه؟"

"ڪهڙي.....؟"

"ابو سڀ کان اول ڪهڙي سائنسدان چنڊ تي قدم رکيو؟"پپو پيءُ کان پڇيو.مسٽر فيل آرلنگ ۽ ان کان پوءِ ايڊون ايلڊرن ۽ ڪونز ٽنهن ئي پهرين چنڊ تي قدم رکيو"

ابو اهو خوش نصيب آهن جيڪي چنڊ تي ويا آهن پپوءَ پيءُ کي چيو تہ جيڪو ڪرسيءَ تي اخبار پڙهي رهيو هو.

"ها پٽ تون سچ ٿو چوين اهي واقعي خوش نصيب آهن"پٽس نظر جوچشمو لاهي پپوءَ ڏانهن نهاري چيو.

”ابو سائين سائنس واري چيو آهي تہ چنڊ ڌرتيءَ کان پري آهي.“

”تنهنجو سائين سچ ٿو چوي“

ابو مامو چنڊ مون کي چوڏهين رات ڏاڍو خوبصورت لڳندو آهي.“

”پپو پٽ ان رات تنهنجي مامي جي ڦوهہ جواني هوندي آهي“پٽس پپوءَ ڏانهن نهاريندي چيو جيڪو غور سان پيءُ جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.

”ابو آءٌ چنڊ تي ضرورويندس“پپو پنهنجي عزم جو پختو اظهار ڪندي چيو.

”ها ......تون هڪ ڏينهن چنڊ تي ضرور ويندين“هن سندس ڪلهي تي ٿڦڪي هڻي چيو.

”ابو اوهان کي خبر آهي؟“

”ڪهڙي خبر آهي؟“

جنهن جاءِ تي سائنسدان لٿا هئا ان جاءِ کي ڇا چوندا آهن؟“

پپو جو اهو سوال ٻڌي پٽس ڪجهہ دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو ان جاءِ کي بحري سڪوت چئبو آهي.

”بحري سڪوت“

ها....بحري سڪوت“

ابو چنڊ جو سفرسائنسدانن ڪيترن ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو؟“پپو هڪ دفعو وري پيءُ کان منجهائيندڙ سوال پڇيو پٽس هن ڏانهن نهاري مرڪي چيائين ”تون منهنجي جند نہ ڇڏيندين.مون کي تہ ائين پيو لڳي جڻ تون هاڻي ٿو چنڊ تي وڃين.“

”ابو اوهان تہ چيو هو تہ جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي اها مون کان پڇندوڪر.“پپوءَپيءُ کي ناراضگي مان چيو.

پٽس وري اخبار پڙهڻ ۾ شروع تي وجي ٿو ۽پپو پٽس ڏانهن نهاري وري پنهنجيءَ چنڊگاڏي کي هٿ ۾کڻي ڪمري مان ٻاهر نڪري گهر جي اڱڻ ۾چنڊ گاڏيءَ سان راند ڪڏڻ ۾ لڳي وجي ٿو.

هن جي دل ۾ ڪيترائي خيال اچن ٿا هو پنهنجي ذهن ۾ اهو سوچي ٿو تہ آءٌ هن پاڻي جي ٽهيل چنڊ گاڏيءَ ۾ ڪيئن چنڊ تي ويندس.چنڊ تہ مونکان ڪروڙين ميل پري آهي.آءٌ هيڪلو چنڊ تي ڪيئن پهچندس هن کي چنڊ ۽ چڪور جي ڪهاڻي ياد اچڻ لڳي جيڪا سندس نندي هوندي ماءُ رات جو ڪيس ٻڌائيندي هئي.

”چڪور تہ پکي آهي پلا ڪيئن ٿو چنڊ تي پهچي سگهي“هو پنهنجي منهن سان ڳالهائڻ لڳو.

”پر مان چڪور ناهيان مون تہ چڪور نالو ٻڌو آهي ڏٺو ڪونہ اٿم“ هو ڪجهہ ساعتون سوچن ۾ پئجي ويو.

”ها ....امي بہ مونکي چڪور چوندي آهي“هن چپن تي مرڪ آڻيندي چيو.

مان واقعي چڪور آهيان.....چڪور“

”چڪور جي بہ چنڊ تي منزل ۽ منهنجي بہ چنڊ تي منزل“پپوءَ چنڊ ڏانهن نهاري چيو.پپوءَ چنڊ ۾ پنهنجون اکيون وجهي ڪيس ڏسڻ لڳو ۽ ڏسندي ڏسندي ڪيس ننڊ اچي ويئي.(1989ع ۾ ڇپيل”چنڊ ۽ چڪور“ ڪتاب تان ورتل)

# ادل سومرو

نالو: عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو

جنم جو هنڌ: سکرشهر

تعليم: ايم اي(اقتصاديات)سنڌ يونيورسٽي فرسٽ ڪلاس ٿرڊ پوزيشن1977ع ايم اي سنڌي سنڌ يونيورسٽي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن 1979ع پي ايچ ڊي(سنڌي ادب) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 1999ع

شايع ٿيل ڪتاب: وليون وڻ ڦلارڻا(شاعري)1984ع اسين مسافر پيار جا(نثر)1991ع سمنڊ جاڳي ٿو(شاعري)1994ع ۽ وساري نه ڇڏجو(شاعري) 2004ع

ٻارن لاءِ شايع ٿيل ڪتاب: روزنٽن رابيل(شاعري)1977ع چنڊ پشم گولو(شاعري)1979ع آچر جا احوال(ڪهاڻيون)1979ع پتلين جو تماشو(شاعري)1983ع جيتن جي ڪانفرنس(ڪهاڻيون)1984ع پوپٽ جهڙا گيت(شاعري)1986ع نئين دور جا نوان سبق(ڪالم)1990ع ۽ مٽي جا رانديڪا(شاعري)2006ع

ادل سومرو کي ٿيهن کان مٿي علمي ۽ ادبي ايوارڊ سندون پڻ مليا آهن.پاڻ ٻه ڀيرا سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل پڻ رهيو آهي.ان کان علاوه ڪيترن ئي ادبي جماعتن ادارن تنظيمن ۾ سرگرم رهندو اچي پيو.

نوڪري: موجوده وقت ۾ چيئرمين سنڌي شعبو ۽ شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خير پور

ڏس پتو: واري ٽڙ روڊ سکر

# جيتن جي ڪانفرنس

هڪڙي جهنگ ۾ جيتن پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي.جنهن ۾ ننڍا وڏا اڏامندڙ ۽ زهريلا سڀ جيت اچي ڪٺا ٿيا.ڪانفرنس ڪوريئڙي جي تجويز تي ڪوٺائي وئي هئي تہ جيئن ان ۾ نہ فقط هرڪو پنهنجا مسئلا ٻڌائي سگهي پر آئنده لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي برقرار رکي سگهجي.

ڪانفرنس کان هڪ ڏينهن اڳ گهريتڙين سخت محنت ڪري مٽيءَ جي هڪ اسٽيج تيار ڪئي.ٺنڊڻن ۽ ماڪوڙن ڪانفرنس واري ميدان کي سڌو ۽ هموار ڪيو.پنيورين پنهنجن پرن سان صفائي ڪئي مطلب تہ سڀني جهيتن ڪانفرنس جي انتظامن ۾ گهڻي دلچسپي ورتي.

ڪانفرنس واري ڏينهن تي سڀ جيت اچي مڙيا.ڪانفرنس جي صدارت نانگن جي سردار ڪئي ۽ پوپٽن جو چڱو مڙس رنگو پوپٽ اسٽيج سيڪريٽري ٿيو.سڀ جيت پنهنجا پنهنجا ٽولا ٺاهي ويٺا.

رنگو پوپٽ سڀ کان پهريان مکين جي نمائندي مڻ مڻ مک کي سڏ ڪيو تہ هو اچي پنهنجا مسئلا بيان ڪري.مکين ۾ پڻ پڻ پئجي وئي ۽ پوءِ مکين جي اڳواڻ هڪ خوبصورت رنگين مک اسٽيج تي اچي ڳالهائڻ لڳي.

”پيارا پيائرو ۽ پينرو اڄ اسان لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن آهي جو سڀ هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيا آهيون.ڪمزور جيت کان وٺي زهريلي جيت تائين اسين سڀ هڪ آهيون.اسان ۾ مڪمل اتحاد هئڻ گهرجي.پر افسوس جو اسان مان ڪيترن جو گذران پنهنجي ئي برادريءَ جي ميمبرن تي آهي.اسان مکين کي ڏسو وک وک تي اسان لاءِ ادن ڪوريئڙن جا ڄار اڻيا پيا آهن.“

ڪوريئڙن ۾ سس پس ٿيڻ لڳي.نانگ صدارتي اختيار استعمال ڪندي ڪوريئڙن کي ماٺ ڪرائي تہ مک پنهنجي تقرير وري جاري رکي ”اسان ڪوريئڙن جي انهيءَ روزيءَ بند ڪرڻ جو مطالبو نٿا ڪريون پر روزي حاصل ڪرڻ جي ان طريقي ۾ ڪجهہ تبديلي چاهيون ٿا يعني هر هنڌ ڪوريئڙن ۽ مکين جو پاڻ ۾ معاهدو ٿيڻ گهرجي جنهن موجب مکيون پنهنجي قبيلي جون مئل مکيون ڪوريئڙن کي خوراڪ طور پهچائينديون رهنديون ڏهاڙي هزارين مکيون مرن ٿيون ۽ ڪوريئڙن جو تعداد بنهہ ٿورو آهي.

اڳواڻ مک جي انهيءَ تجويز تي مکيون ۽ ٻيا سنها سنها جيت پنهنجن پرن سان تاڙيون وڄائڻ لڳا.

مک کان پوءِ پوپٽ ڪوريئڙن جي چڱي مڙس کي ڳالهائڻ لاءِ چيو.ڪوريئڙن جو چڱو مڙس ڪانپيو ڪوريئڙو تاڙين جي گونج ۾ اسٽيج تي اچي ڳالهائڻ لڳو:

"سائين صدر صاحب ۽ جيت برادريءَ جا سيئي پائرو پينرو ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي.شڪر جو هن ڪانفرنس ۾ سڀ اچي گڏ ٿيا آهيون.آئون مڻ مڻ مک جي تجويز جي حمايت ڪريان ٿو جيڪڏهن مکين پنهنجو واعدو نڀايو ته اسين به پاڻ کي ان معاهدي جو پابند سمجهنداسين.

ان کان پوءِ ڪرڙيءَ ،ماڪڙ ،ڏينيوءَ ،وڇون،ڪاڪروچ ۽ ٻين جيتن تقريرون ڪري پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ چيو ته ڪوشش ڪري ڪوبه جيت ڪنهن ٻئي جيت کي نقصان نه رسائي پر ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريون.

ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ کان اڳ رنگو پوپٽ صدر صاحب جي اجازت سان پريم پور ڳوٺاڻن پاران جيتن جي تنظيم ڏانهن لکيل درخواست پڙهي ٻڌائي:

جيت برادريءَ جي خدمت ۾ اپيل ،

توهان سيني کي سڌ هوندي ته اسين ڳوٺ پريم پور جي رهواسي سالن کان هڪ ظالم شخص جي ڏاڍ جو شڪار آهيون.هن ظالم پنهنجي ڏاڍائيءَ سان اسان جي زمينن تي قبضو ڪري اسان کي بيگار ۾ وهائي بيشمار دولت گڏ ڪئي آهي اسان توهان کي سهڪار لاءِ گذارش ڪندي چئون ٿا ته هن ظالم جي چنبي مان اسان جي جان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪريو.

اميد ته مايوس نه ڪندا.

فقط

پريم پور ڳوٺ جا ڳوٺاڻا

رنگو پوپٽ درخواست پڙهي پوري ڪئي ته سيني جيتن ۾ سس پس شروع ٿي وئي نانگ سيني کي راءِ ڏيڻ لاءِ چيو.

وڇن جي اڳواڻ چيو "ماڻهو پنهنجا معاملا پاڻ نبيريندا اسان کي سندن وچ ۾ نه پوڻ گهرجي.

هڪ ماڪوڙي ڳالهايو:"پوري ڪائنات ۾ رهندڙ سڀ ساهوارن جي هڪ ٻئي تي ڪجهه حق ۽ فرض آهن.اسان جڏهن اتحاد ۽ محبت جون ڳالهيون ٿا ڪريون ته اسان تي اهو به لازم آهي ته اسان مسڪين ڳوٺاڻن جي وس آهر واهر ڪريون."

پوئر پٽڪار ڪندي چيو”اسان ڪي ان ڳالهہ کان لنوائڻ نہ کپي.مان ساڳئي ڳوٺ ۾ رهندو آهيان ويچارن سان وڏي ويڌن آهي.

ماڪڙ جي اڳواڻ ڳالهايو:”سردار نانگ جيڪڏهن حڪم ڪري تہ اسين ظالم شخص جو سڄو فصل کائي ڇڏيون.“

پوپٽ سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو ”فصل تہ غريب هارين جي محنت آهي.جيڪو هنن کي ملڻ گهرجي.فصل تباهہ ناهي ڪرڻو پر ظالم شخص جو خاتمو آڻڻو آهي.“

اهڙي ريت بحث مباحثي کان پوءِ جيتن جي صدر نانگ ڦڻ ڪڍي ڳالهائڻ لڳو.ب”پيارا دوستو !درخواست بابت توهان سڀني جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ ڳوٺاڻن جي مدد ڪرڻي آهي.حالانڪ ان معاملي ۾ اسان جو ڪو واسطو ڪونهي پر انسانن جي مجبوري ۽ اڪثريت جي فيصلي کان لنوائي نٿو سگهجي.پر هاڻ ان ظالم جي خاتمي لاءِ ڪهڙا ٽولا تيار ٿيندا؟“

ڏينين چيو”ان ظالم واسطي اسان جو ننڍڙو ٽولو ئي ڪافي آهي.”

وڇن وراڻيو:”اسان جا ٻہ ٽي وڇون ظالم شخص کي قبر تائين پهچائي ڇڏيندا.“

مڇرن چيو:”تاريخ ۾ نمرود جو واقعو ڪنهن کان وسريو ڪونهي.ڪيئن تہ اسان جي برادريءَ جي هڪ منڍڙي مڇر ظالم نمرود جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو.اسين بہ هن موجوده دور جي نمرود سان ساڳئي ڪار ڪري سگهون ٿا.“

اهڙي طرح ظالم شخص جي خاتمي لاءِ مختلف جيتن پاڻ کي وچڻ لاءِ پيش ڪيو.

سڀني جون ڳالهيون ٻڌي آخر نانگ چيو:”توهان سڀني جي جذبن جو آءٌ قدر ڪيان ٿو پر انهيءَ نيڪ ڪم لاءِ آءٌ اڪيلي سر ويندس.فقط ڳوٺ تائين رسائڻ ۽ ظالم شخص جي گهر ڏيکارڻ واسطي پائو پوئر منهنجي رهنمائي ڪندو.“

نانگ جا خيال ٻڌي سيئي جيت سندس ساراهہ ڪرڻ لڳا.

نانگ ۽ پوئر انهيءَ ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا.سج لهڻ تي هو جو ٻئي ڄڻا ڳوٺ ۾ انهيءَ ظالم جي حويلي وٽ پهتا.هو اجا پهتا ئي مس تہ گهوڙي تي سوار اهو ظالم شخص بندوق ڪلهي تي ڪنيون حويليءَ جي شاهي در مان اندر وڃي رهيو هو.پوئر پٽڪار ڪري نانگ کي چيو:سائين! اهو آهي ظالم شخص جنهن ڳوٺاڻن جو رت پيتو آهي.“

نانگ پوئنر کان موڪلائي ڪنڊن وٽان لڪندو لڪندو پوري هوشياريءَ سان حويليءَ جي ڪمري ۾ وڃي لڪو.جتي ان ظالم شخص جو پلنگ رکيل هو.ڪجهہ دير کان پوءِ ظالم شخص پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ جُتي لاهي پلنگ تي سمهي پيو.نانگ آهستي آهستي وڃي سندس جتيءَ ۾ ويٺو.اڌ رات جو اهو ظالم شخص اٿيو ۽ جيئن ئي جتي پائڻ

وارو هو تہ نانگ سندس پير ۾ ڏنگ هنيا.ظالم شخص رڙيون ڪندي پٽ تي ڪري پيو.سندس رڙين تي نوڪر چاڪر ڊوڙندا آيا.تيسيتائين نانگ ڦڙتيءَ سان اتان نڪري باغ ۾ وڃي لڪو ۽ صبح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

هوڏانهن ظالم شخص کي بچائڻ لاءِ بروقت ڪيترائي جوڳي ماندا حڪيم ۽ طبيب گهرايا ويا پر هو سج ايرڻ کاناگ ئي مري ويو.

ڳوناٽن جڏهن صبح جو ظالم شخص جي موت جي خبر ٻڌي تہ سيني سک جو ساهہ کنيو.پوءِ سڀ ڳوناٽا بنا ڪنهن ڊپ جي خوش خوش پنهنجون حياتيون گذارڻ لڳا.

(1993ع ۾ ڇپيل "جيتن جي ڪانفرنس" ڪتاب تان ورتل)

# ومي سدا رنگاڻي

ومي سدا رنگاڻيءَ تعلق آديپور سان آهي.جيڪو ڀارت جي گجرات رياست جي ڪڇ واري علائقي جو هڪ ننڍڙو شهر آهي.هن اول اقتصاديات جي مضمون ۾ ايم اي ڪئي بعد ۾ آديپور ۾قائم انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي مان سنڌي ٻولي هڪ ڪورس ڪيو.جڏهن ومي سدا رنگاڻي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي تڏهن هن ڪي سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ جو خيال آيو.سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ ڪانپوءِ هن آديپور ۾ قائم تولاڻي آرٽس اينڊ سائنس ڪاليج جي سنڌي شعبي ۾ليڪچرر جي نوڪري حاصل ڪئي.جتي هوءَ اڃا ٻـ تعليم ۽ تدريس سان لاڳاپيل آهي.

ومي سدا رنگاڻيءَ هينئر تائين ڪل ٻارهن ڪتاب لکيا آهن جن ۾ ٻـ شعري مجموعا"سونهري رنگ جي ڪارڻ"۽"سچ الائي ڪٿي ڪري پيو."ٻارن لاءِ لکيل ٽي ڪتاب "مکڙيون(ناول)" "ٻليءَ جو اسڪول "۽ "ممي ائين چو آهي." ۽ ڇهه ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي سکيا بابت شامل آهن.سنڌي ٻولي ءَجي سکيا بابت لکيل سندس ٽي ڪتاب مختلف تعليمي ادارن جي نصاب ۾ پڻ شامل آهن.ومي سدا رنگاڻي سنڌي شاعري ۽ ڪهاڻين جا هندي ۽ گجراتي ٻولين ۾ ترجما پڻ ڪيا آهن.وميءَ ڪي اهو اعزاز پڻ حاصل آهي تہ هوءَ آمريڪا ،هانگ ڪانگ ،۽ سنگاپور ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مختصر ڪورس پڻ ڪرائيندي رهي آهي.

ومي سدا رنگاڻي 2004ع جي ڊسمبر مهيني ۾ ڀارت مان سنڌ جي دوري تي آيل 30 ڪان مٿي واري وفد ۾ شامل هئي.هن سڄي سنڌ گهمي ڏٺي هن ڪيترن ئي ميڙاڪن ۾ ٻارن توڙي وڏن جي لاءِ ڪيل شاعري ٻڌائي ٻڌندڙن کي ٻي جان ٻڻائي ڇڏيو.

پنهنجي اباڻي ديس ۾ هوءَ پهريون ڀيرو آئي هئي.پر سنڌ اچڻ کان اڳ۾ هن جي ذهن ۾ سنڌ بابت جيڪا سوچ هئي.اها هن سنڌ جي سينئر صحافي عباس جلباڻيءَ کي انگريزي اخبار"ڊان" جي لاءِ انٽرويو ڏيندي ڪجهہ هن طرح بيان ڪئي هئي."مون پنهنجن ابن ڏاڏن کان سنڌ جي باري ۾ تمام گهڻو ٻڌو هيو.جنهنڪري سنڌ بابت منهنجي ذهن ۾ هڪ رومانوي احساس پيدا ٿيو هو ان جي باوجود ڪنهن وقت مان پنهنجي ٿهيءَ جي ٻين نوجوانن وانگر پنهنجن وڏن کي چوندي هئيس تہ "اها عقلمندي ناهي تہ ان ڌرتيءَ بابت سوچبو رهجي جيڪا اسان پٺتي ڇڏي آيا آهيون ۽ جيڏانهن واپس وڃڻ جي ڪا اميد ناهي"پر سنڌ اچڻ کان پوءِ جڏهن هتي اسان جي جيڪا ڀرپور آجيان ٿي انڪانپوءِ منهنجي مٿئين راءِ تبديل ٿي آهي ۽ مان هڪ دفعو ٻيهر سنڌ اچڻ جي انتظار ۾ رهنديس."

پر ومي سدا رنگاڻي جيسيتائين ٻيهر سنڌ گهمڻ اچي تيسيتائين اسان سندس هڪ ڪهاڻي کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهيا آهيون.

# سياڄهي راڻي

”ممي مونکي ڦتاڪا کپن.هڪ ٻہ نہ جام ڦتاڪا.“

”ها راڻي پپا اڄن تہ پوءِ اسين گڏجي بازار هلنداسين.تُنهنجي لاءِ نوان ڪپڙا ۽ ڦتاڪا وٺي ايندا سين.“

اهو ٻڌي راڻي خوش ٿي ويئي.راڻي ڊاڪٽر مسند جي ڌهن ورهين جي ڌيءَ آهي.ڪيس ممي پپا ڏاڍو پيائيندا آهن.سڪيلڊي جو آهي.

”ٽرن ٽرن.....ٽرن ٽرن ...اوچتو فون جي گهنٽي وڳي.راڻيءَ ٽپ ڏيئي رسيور کنيو.“هلو مان راڻي ٿي ڳالهايان.توهان ڪي ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي؟“

”اوه پپا توهان اڃان تائين هاسپيٽل ۾ ئي آهيو.اسان ڪي بازار هلڻو آهي.ڦتاڪا وٺڻا آهن ،مناڻي وٺڻي آهي نئون فراڪ.......

”بس ....بس ....مان سمجهي ويس،اڄهو پندرهن منٽن ۾ ٿو گهر پهچان.“

راڻي ۽ سندس ممي ٻئي تيار ٿي وينيون ست ٿيڻ تي هئا.

ڪار جي آواز تي راڻيءَ وڃي در کوليو“پپا“ چئي هوءَ ڊاڪٽر مسند جي ڪلهي تي لٽڪي پيئي.

”توهين ناشتو ڪري ڪپڙا مٽايو تہ پوءِ بازار هلون.راڻي صبوح کان پيئي ضد ڪري.“

”جيئن توهان جو حڪم“ چئي ڊاڪٽر مسند پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

لڳ ڀڳ اڌ ڪلاڪ کانپوءِ ٽيئي ڄڻا تيار ٿي گهر کان ٻاهر نڪتا.اڃا مين گيٽ تي پهتا ئي مس تہ سامهون هڪ مزور جهڙو شخص بيٺل نظر آيو پراڻا ڪپڙا اگهاڙا پير مٽي تي ڦاٿل انگوڇو.

”ڊاڪٽر صاحب منهنجو پٽ بيمار آهي.بخار اٿس توهين مهرباني ڪري مون سان گڏ هلو.“پيائي ڏاڍو سهڪي رهيو هو.راڻيءَ جي مميءَ ڪراهت سان هن ڏانهن نهاريو ۽ منهن موڙي ورتو.

ڊاڪٽر صاحب چيو“اسان کي دير ٿي رهي آهي تون سڀاڻي اچج.“

”صاحب جي مان ڏاڍو پري کان آيو آهيان توهين مون تي مهرباني ڪريو.“مزور جو آواز ڪجهہ روئڻهارڪو هو.

ڏس گهڻو نہ ڳالهاءِ اسان کي بازار وڃڻو آهي.تون پٽ کي هاسپيٽل وٺي اچ."ڊاڪٽر مسند جي آواز ۾ ٿوري تلخي هئي.

"پپا اسين بازار سياڻي هلنداسين توهين ڪاڪا سان گڏ هنن جي گهر گهر وڃو."

"راڻي تون وچ ۾ نہ ڳالهاءِ تون پاڻ ئي تہ بازار هلڻ لاءِ ضد ڪري رهي هئينءَ."ڊاڪٽر مسند راڻيءَ ڏي شوخي ۾ نهاريو.

"نہ پپا مون کي ڪجهہ نہ کپي نہ ڦتاڪا ،نہ فراڪ ،ڪاڪا جو پٽ بيمار آهي.توهين پهرين هنن سان وڃو."راڻيءَ جي اڳيان مزور جي بيمار پٽ جي شڪل ڦري رهي هئي.

"راڻي نيڪ ٿي چوي توهين هن سان وڃو.راڻي ۽ مان بازار مان ٿي اچون ٿا"راڻيءَ جي مميءَ ڊاڪٽر کي سمجهايو.

شايد مان ئي غلط هوس پٽ راڻي تون ڏاڍي سياڻي آهين.مان پنهنجو فرض پلجي رهيو هوس."ايترو چئي ڊاڪٽر مسند پنهنجي بئگ کڻڻ لاءِ اندر ويو.مزور کي خوش ڏسي راڻيءَ جي چهري تي بہ خوشي جهلڪا ڏيئي رهي هئي.

(1999ع ۾ ڇپيل "سڀاڳي راڻي" ڪتاب تان ورتل.)

# ج.ع.مَنگهاڻي

| | |
|---|---|
| نالو: | ج.ع .منگهاڻي(جنت علي محمد بڪڪ) |
| تاريخ پيدائش: | 25 ڊسمبر ڪراچي سنڌ. |
| ڇپيل ڪتاب: | (1)پتنگ پويان ڊوڙ (ڪهاڻيون) اگسٽ 1986ع |
| | (2)خوابن جا ايوان (شاعري) سيپٽمبر 1999ع |
| | (3)ڇپر ڪين ڏي(تحقيق 2002ع ) |
| | (4)رڃ(ناول) 2006ع |
| | (5)رولاڪ خواب(شاعري) 2006ع |
| | (6)شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو (تحقيق)2006ع |
| ايوارڊ: | مادر وطن ايوارڊ،سنڌ ترقي پسند پارٽي حيدرآباد |
| | شاهه لطيف ايوارڊ تصوف 2007ع |
| | اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد |
| | سنڌ سنگت ڪلهوڙا عباسي ايوارڊ 2007ع |
| | سنڌ سنگت سرائي محمد خان سيال ايوارڊ 2007ع |
| | شاهه لطيف ايوارڊ سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو |
| | حڪومت سنڌ |

# ٽلو پينو

ٽلو مائٽن جو سڪيلڌو پٽ هو.سندس سڀيئي عادتون عجيب اڻ وڻندڙ هيون.پر سيني کان بڇڙي عادت جيڪا هيس سا هئي"گُهرڻ" جي .ڳوٺ جي تقريبن هر ماڻهوءَ کان هو خرچي گهرندو هو.نہ ڪم نہ ڪار صبح کان شام تائين گلين ۾ ڌڪا کائيندو هو ۽ جيڪو بہ ماڻهو ملندس تنهن کان هو ضرور خرچي گهرندو هو.

"ماما موسيٰ خرچي ڏي!"

"چاچا چيتڙ خرچي ڏي"

"ماسي ملوکان خرچي ڏي"

"ادا عيدو خرچي ڏي"

"نانا نورو خرچي ڏي"

مطلب تہ هو ڪنهن سان بہ رعايت نہ ڪندو هو.ايتري قدر جو ويچاري مسڪين مڪڙکي بہ نہ بخشيندو هو.جيڪو سڄو ڏينهن پاڻي پري پري ٽڪو آنو مس ڪمائيندو هو.تنهن کي بہ ڏسڻ سان چوندو هو.

"ماما مڪڙ خرچي ڏي!"

تنهن وٽ هوندو بہ ڪٽي ناراض پاراض ٿي ڏيندس نہ تہ اڪثر اهو ئي جواب ڏيندو هوس تہ "ابا آئون حبيب بينڪ جو ڌڻي ڪونہ آهيان جو هر وقت ڏوڪڙن مان ڪيسا ڀَريا هوندم."

سو ٽلوءَ کي انڪري سڄي ڳوٺ جا ٻار"ٽلو پينو" چئي چيڙائيندا هئا.پر ٽلو تي انهن چٽرن جو ڪوبہ اثر نہ پوندو هو.هو نہ رڳو خرچي پر هر ماڻهوءَ کان هر چيز گهرندو هو.

چٽن واري ماسي آشا ايندي هئي تہ هر ڪو ٻار پيسن تي پيو چٽا وٺي کائيندو هو.پرٽلو ايندي سان چوندو "ماسي آشا ٿورا چٽا تہ ڏي" سيئي ٻار هڪ ٻي ۾ نهاري ٽوڪ مان مشڪندا هئا.

ٽلو پنهنجي ان خراب عادت جي ڪري ڪنهن کي بہ ڪونہ وڻندو هو نہ ئي ڪو ٻار ساڻس سنگت رکندو هو.سڄي ڳوٺ ۾ سندس ڪو هڪ بہ سنگتي نہ هو.سڄو ڏينهن مٿو ٻاهر پير اگهاڙا مينهن واءُ ۾ پيو رلندو هو ۽ ان جي ابتڙ اختر وري سڄي ڳوٺ جي ٻارن ۾ ذهين ۽ سمجهو ٻار هو هو اسڪول ويندو ۽ هر سال پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو.اختر عمر ۾ ٽلو کان ننڍو هو پر عقل ۾ تمام وڏو هو ۽ هو ٻين ٻارن جيان ٽلوءَ تي کلندو ۽ چڙرون نہ ڪندو هو پر هن کي ٽلوءَ جو ڏک ٿيندو هو ۽ هوسوچيندوهو تہ ٽلو ايترو خراب ڇو آهي؟هو ڇو نٿو نيڪ ٿئي؟اهو سوچي اختر ٽلوءَ سان سنگت رکي سڀيئي ٻار حيران هئا تہ اختر جهڙو سمجهو ٻار ٽلوءَ جهڙي ڪني ٻار سان ڪيئن ٿو دوستي رکي سگهي؟

صبح جو اختر اسڪول وڃڻ مهل ٽلوءَ کي بہ سڏ ڪري چوندو هو "ٽلو تون پڻ آ هلو تہ اسڪول هلون "نہ ٽلو چوندو هو نہ يار مان تہ هونئن بہ ڪونہ ٿو هلان پر اڄ تون بہ اسڪول نہ وڃ اڄ اڄ تہ انوءَ وارن جي ٻير مان ٻير پٽيون"

اختر ڪيس حيراني مان ڏسندو اسڪول هليو ويندو هو ٻار چونداهئا تہ "تون ٽلوءَ سان سنگت ڇڏي ڏي نہ تہ هو توکي بہ خراب ڪري ڇڏيندو" اختر چوندو هو تہ "نہ مان نيٺ ٽلوءَ کي سڌاريندس........"تہ ٻار کلي چوندا هئا "ٽلو تہ ڪتي جوپڇ آهي ٻارهن مهينا نڙ ۾وجهي رک تہ بہ رهندو جو ونگي جو ونگو."

اختر ٻارن جي اهڙيان تہ ڪٽي مشڪي ماٺ ڪندو هو ۽ پوءِ اهي سڀئي ڳالهيون اچي ٽلوءَ کي ٻڌائيندو هو تہ من ڪيس شرم اچي ۽ سڌري پوي.اختر چوندو هوس "ٽلو ڏس ٻار تنهنجي باري ۾ ڪيڏا خراب خيال ٿا ڪن چون ٿا تہ ٽلو ڪڏهن بہ ڪونہ سڌرندو ۽ تون پوءِ بہ نٿو سڌرين؟" انهن سڀني ڳالهين جوٽلوءَ تي ايترو اثرپوندو هو جيترو پاڻيءَ تي آگر سان بنايل ليڪي جو يعني ڪجهہ بہ نہ.

نيٺ اختر بہ اچي تنگ ٿيو.هڪ ڀيري اختر ۽ ٽلو ٻئي گڏجي پي گهميا تہ اختر جي چاچي جي دڪان وٽ اچي ٽلو بيهي رهيو.اختر بہ ساڻس گڏ بيٺو دڪان ٻارن جي رانديڪن سان ڀريو پيو هو.ٻئي رانديڪاڏسڻ لڳا.هڪ بال ڏانهن اشارو ڪري اختر چيو.

"ٽلو هي بال ڪيڏو نہ سهڻو آهي ۽ مونکي ان جي ضرورت بہ آهي پيسا هجن ها تہ هينئر خريد ڪري وٺان."

ٽلو چيس"اڙي اڙي هيءُ تہ تنهنجي چاچي جو دڪان آهي.گهُري ڇو نٿو وٺين گهرڻ ۾ ڇا هي اختر گهُر نہ........"

ٽلوءَ جوايترو چوڻ اختر جو تپي باهہ ٿيڻ خارمنجهان ٽلوءَ جي منهن ۾ چتائي نهاري چيائين”ٽلو مان تو جهڙو ڪونہ آهيان جو گهري وٺان پيسا جمع ڪري پاڻهي خريد ڪندس“ايئن چئي اختر ڪاوڙ مان تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو پرٽلوءَ کي سوچن جي سلسلن ۾ڦاسائي ويو ۽ پوءِ تہ سندس ڪنن ۾ اختر جا ٻول ٻرڻ لڳا”مان تو جهڙو ناهيان..................“

هو ڪنن تي هٿ رکي هيٺ پٽ تي ويهي رهيو هن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ گهرڻ ڪا ايڏي خراب عادت آهي.پر اختر جي پيار ۽ محبت ۽ سنگت ڪيس سڀ سمجهائي ڇڏيو هو ۽ ان ڏينهن کان ڪانپوءِ ٽلوءَ کي ڪنهن بہ ڪنهن کان بہ ڪجهہ بہ گهرندي نہ ڏٺو ۽ هو هرروز صبح جواختر سان گڏجي اسڪول وڃڻ لڳو ۽ پوءِ سيئي ٻار سندس دوست بنجي ويا.

(1986ع ۾ ڇپيل ”پتنگ پوپٽ ۽ ڍوڙ“ ڪتاب مان ورتل)

# عزيز ڪنگراڻي

| | |
|---|---|
| پيءُ جو نالو: | سومارخان |
| جنم: | 4 جنوري 1958ع |
| جنم هنڌ: | ڳوٺ حاجي ماڻڪ ڪنگراڻي ،جوهي |
| ڪرت: | اسسٽنٽ پروفيسر |
| تعليم: | ايم اي اسلامڪ ڪلچر فرسٽ ڪلاس سنڌ يونيورسٽي<br>ايم اي سنڌي فرسٽڪلاس فرسٽ پوزيشن سنڌ يونيورسٽي |
| شايع ٿيل ڪتاب: | (1)سنڌ پري ٻارن لاءِڪهاڻيون 1999ع<br>(2)روڳ(ڪهاڻيون)2005ع<br>(3)ٽڙ ٽڙ تي طوفان(شاعري)2005ع |
| ڊراما: | ريڊيو خيرپور ۽ حيدرآباد تان 50 کان مٿي ڊراما نشرٿيل پي ٽي وي ڪراچي سينٽر ،انڊس ويزن کي ٽياين تان 15کن سيريل ٽيهارو کن سولوپليز ٽيليڪاسٽ ٿيل |
| ايوارڊ: | ميڊل سنڌ يونيورسٽي 1986ع<br>بهترين سيريل رائيٽر ڪي ٽي اين ايوارڊ2003ع<br>شهباز تحقيق ايوارڊ 1995ع<br>مادروطن بهترينليکڪ ايوارڊ 2003ع<br>بهترين محقق ايوارڊ 1997ع<br>بهترين رائيٽر ايوارڊ(پريس ڪلب جوهي) 2004ع<br>علڻ فقير ايوارڊ 2004ع<br>ڪينجهر مضمون ايوارڊ 1996ع |
| ايڊريس: | پوسٽ آفيس جوهي ضلعو دادو |

# لَغَڙَ

”ابرار .............اوابرار پٽ ،ڏنگايون چڏ لهہ هيٺ ڏڪو ايندءِ“

سندس ناني پوڙهي ٻوڙندي دانهون ڪندي گهر جي ڇاڙهي ڏانهن وڳي ٿي.هڪ ويچاري پوڙهي ڀيو ڪنگهہ ٻڪندي اپ ساهي وٺي ويس.ڏاڪڻ جا ڏاڪا چڙهندي سهڪندي گهر جي ڇت تي چڙهي آئي.ابرار ڪي الڪو ئي ڪونہ.مزي سان لغڙ جي ڏور ڇڪيندو رهيو.لغڙ آسمان تي لهر هٽي رهيو هو.سڄو ڏيان لغڙ ۾ هوس ناني جون دانهون تہ ڀيون هئائين پرڪن ئي ڪونہ ڏنائين.پنهنجي ڌُن ۾ هو هونئن بہ ابرار سمجهيو ٿي تہ ناني مٿي چڙهي بہ آئي تہ ڪيس وٺ ئي ڪونہ ڏيندس.ناني پوڙهي ۽ ڪمزور آهي ويجهو بہ آئي تہ ڦسڙائي ٻوڙي نڪري ويندس.مونکي پُڄي نہ سگهندي.جيسيتائين ڇت تائين ايندي تيسيتائين لغڙ ڦٽي ڪري اڪ وٺي لهي پڄي ويندس.وڻ ۾ وڏ ڪٽي لغڙ ڦاڙي ڇڏيندي.نانا ڪي چوندس پاڻهي ڀيو وٺي ڏيندو.ٿيو بہ ائين ناني چنگهندي اجان ڇت تي مس آئي تہ پاسو وٺي هو لغڙ ڦٽي ڪري وٺي پڳو.ذري گهٽ ناني پڪڙيو هوس.پر ڪانئس ڇڏائي اڪبوٽ ۾ ڏاڪڻ تان لهي ٻاهر هليو ويو.سو ويچاري ناني چيلهہ تي هٿ رکي ڏاڪڻ ڏانهن ايندي پٽڪڻ لڳي.مان تہ هن حرڪتي مان اچي ڦاٽي آهيان.جنهن مهل ڏس.ڪوٺي تي چڙهيو پيولغڙ اڏائي نہ پڙهڻ تائين نہ وري ڪنهن ٻئي ڪم ڪار تائين سڄو ڏينهن آهي لغڙ اڏائڻ جي پٺيان.نياڳي ڪي اچي ڪو ڏڪو تہ اسان جي هڙئي هلي وڃي.لغڙ بہ ڪنهن منهن سر جو ڏاڪڻ تان بہ پٽ جي ٽيڪ ڏئي لهي ٿي.

هيٺ لهي ڪيس گهر ۾ ڳوليندي پنهنجي منهن ڳالهائڻ لڳي ٿي.ڪا ڏي وئين نياڳا اچي تنهنجو نانو تہ ان ڪي بہ ست سريون ٿي سٽيايان.داد ڏئي توکي ڪاري ڇڏيو اٿس.هتي پڙهڻ آيو آهين يا لغڙ اڏارڻ.....منهنجي رڳو هٿ اچي تہ توکي سڄي عمر جي سيکت ڏيان............وري جو لغڙ ۾ هٿ بہ وڌءِ تہ منهنجو نالو بہ ڪنهن ڪاري چور تي رکجانءِ تنگ ڪري ڇڏيو اٿس.....اهڙو شل دشمن پيٽان بہ نہ ڄمي تہ چڱو.“پوڙهي ناني ڪيس سڄي گهر ۾ ڳوليندي ۽ وات هڻندي ٿڪجي پئي.پر ابرار نہ لڌس.....نيٺ خاموش ٿي اچي پنهنجي کٽ تي ليٽي پئي.

ابرار ڏاڍو حرڪتي ۽ ڏنگو ڇوڪرو آهي.نانيءَ پوڙهيءَ جو تہ خيال ئي نہ ڪندو آهي.نانا کان ٿورو ڊڄندو آهي جوڪيس ٿافيون ۽ لغڙ وٺي ڏيندو آهي.نانو هر انگل مڃيندو اٿس.ناني کي بہ ڪوڙو ناهي منو آهي.ڏاڍو پيائيندي اٿس.پر هيءُ جو اڻ پليو ٿيندو ٿهپوءِ ناني بہ ڪنهن مهل مار ڏيندي اٿس.حرڪت نہ ڪري تہ ڇو مار کائي.ابرار کي لغڙ اڏائڻ جو شوق جنون جي حد تائين آهي.هر وقت لغڙ اڏائيندو آهي.ماڻهو ڪم جي وقت ڪم ۽ راند جي وقت راند ڪري پر ابرار آهي جو ننڊ ۾ بہ پيو لغڙ اڏائيندو آهي.ابرار جا ماءُ پيءُ ڪراچي ۾ رهندا آهن.پڻس کي اسٽيل مل ۾ نوڪري آهي. ابرار بہ ساڻن ڪراچي ۾ گڏ رهندو هو ۽ اتي اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هو پر ڪراچي ۾ سنڌي جي بجاءِ اردو ۾ پڙهائي ٿيندي آهي سو پڻس خيال ڪيو تہ ڪيس واپس ڳوٺ موڪلجي تہ جيئن سنڌي پڙهي ۽ لکي سگهي،ائين پيءُ ڪيس ناناڻن ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏي ويو هو.هتي ہہ سال ٿيا اٿس.صبح جو اسڪول بہ زوري موڪليندا اٿس.ڪڏهن ڪڏهن تہ نانو پاڻ وٺي وڃي ڇڏي ايندو اٿس ۽ شام جو پاڻ بہ ويهي پڙهائيندو اٿس.ابرار جو نانو بہ رٽائرڊ استاد آهي ۽ هر روز شام جو جنهن مهل ابرار کي پڙهائڻ ويهندو آهي تہ ابرار پيو اوٻاسيون ڏيندو ۽ پڙهڻ کان پيو نٽائيندو آهي.دل ۾ سوچيندو آهي تہ نانو جند ڇڏي تہ وڃي لغڙ اڏايان.رات جو سمهندو بہ نانا سان آهي.ناني چڙٻيندي اٿس.تڏهن نہ ويندو اٿس.چڙٻيندي بہ حق تي اٿس.ڇيو مڃينس تہ ڇو چڙبيس.هر ڪنهن کي ڏاهو ۽ سلڇڻو ٻار وڻندو آهي ۽ ابرار جي ناني بہ چاهي ٿي تہ هي بہ سلڇڻو ۽ ڏاهو ٿئي.ڪلاڪ ٻن ڪانپوءِ ابرار پير پير ۾ ڏيندو گهر ۾ داخل ٿئي ٿو.آهستي آهستي گهر جي ورانڊي ۾ اچي ٿو.سامهون سندس ناني سُتل هئي.هي بيهي رهي ٿو تہ متان ڏسي نہ وٺي.رڙهي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو.ڦڙتيءَ سان ڪوٺي جي ڇت تي چڙهي ويو.پنهنجي ڦڙتي ۽ چالاڪي تي دل ۾ خوش بہ ٿيو تہ ناني کي خبر ئي نہ پئي.

ڇت تي اچڻ سان لغڙ ڪٽي اڏائڻ لڳو ڏور ڇڪيندو رهيو ۽ لغڙ آسمان تي اڏامندو جهوليندو مٿي چڙهندو رهيو.ابرار جو سڄو ڌيان لغڙ ۾ هو.دل ۾ چئي رهيو هو تہ اڄ جهڙو ڪڏهن بہ لغڙ مٿي نہ ويو آهي.لغڙ مس نظر ٿو اچي.هي اجان بہ ڏور کي ڇڪي ڏيندو رهيو.هن کي آس پاس جي تہ خبر ئي نہ رهي هئي.اک لغڙ ۾ هٿ ڏور ۾ ڪيس اها بہ بہ خبر نہ رهي هئي تہ هو پوئتي هٽندو ٿو وڃي ۽ ڇت کي ٽيڪو بہ ڪونهي.خبر تڏهن پيس جو ٻئي پير نڪري ويس ۽ ڪلٽي کائي ڌُو وڃي ڪيائين گهر جي پٺ ۾ بيٺل نم جي وڻ ۾ اوچتو هن کان هلڪي دانهن نڪري وئي.

نم جو وڻ وڏو به هو ۽ گهاٽو به هو.مٿين ڏار مان ٽڙي هيٺين ڏار ۾اچي لٽڪي پيو.مٿي کي زبردست چوٽ اچي وئي هئس.بيهوش ٿي.انهي ڏار جي ٻانگ ۾ ئي لڙڪي ڦاسي پيو.مٿي واري زخم منجهان رت ٺينديون ڪري وهڻ لڳس.دانهن تي سندس ناني سجاڳ ٿي پئي.ناني پوڙهي سندس دانهن سڃاڻي ورتي ته پڪ اهو شرارتي هوندو.ڪٽ تان اٿي ڏڪندي ڇاڙهي چڙهڻ لڳي.ڇت تي آئي ته اتي ڪو به نظر نه آيس.پر لغڙ جي ڏور ڏسي سوچيائين ته لغڙ ۽ ڏور ڪٽي لڪائي رکانس ۽ اچي ته موٽائي نه ڏيانس نانهنس کي چوانس ته اڳتي لغڙ نه وٺي ڏئيس.ڪنهن وقت ڪو نقصان نه پئجي وڃي.مان مڙهي زال ڪيسيتائين جاچ ڪندي رهندس.هي بي عقل مڙندو ئي ڪونه ناني هلندي اچي لغڙ جي ڏور ۾ هٿ وجهي ٿي ته پرڀ وڻ ۾ اٽڪيل ابرار بيهوشي ۾ چنگهي پيو.ناني آواز ڏانهن ڪنائڻ لڳي ٿي ته آواز ڪٿان آيو؟ابرار ڦيهرڪٽڪيو ته ناني وڻ ڏانهن ڏُک ڪئي ۽ ابرار کي زخمي حالت ۾ وڻ منجهه اٽڪيل ڏسي دانهن ڪيائين:”اڙي گهوڙا منهنجو ٻچڙو وارو ڪيو منهنجو ٻچڙو“دانهون ڪندي ڏاڪڻ ڏانهن ڊوڙي ۽ پتو ئي نه پيس ته ڏاڪڻ تان تڪڙي ڪيئن لهي آئي.ريهون ڪندي اچي گهر جي پٺيان وڻ هيٺيان بيهي چوڻ لڳي”پاڙي وارا خدا جي واسطي جلدي ڪيو منهنجو ٻچڙو بچايو!“ناني جي دانهن ڪوڪن تي پاڙي واراچي ڪٺا ٿيا.هڪڙو جاڻو جوان تڙ تڪڙ ۾ نم جي وڻ تي چڙهي ويو۽ ڏاڍي خبرداري سان ابرار کي ڪلهي تي کٽي لهي آيو ۽ بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي اسپتال ڏانهن وڃڻ لڳو.اني ويچاري روئيندي رڙندي پٺيان پٺيان وڃڻ لڳي.

ابرار اسپتال جي بستري تي بيهوش پيل هو.سندس ناني ڏک ۾ روئي رهي هئي ته نانو الڳ پريشان بيٺو هو........ڪلاڪ ڏيڍ ڪان پوءِ ابرار کي هوش آيو ته ناني خوشيءَ ۾ نراڙ تي چمي ڏيندي چيس پٽ توکي انهيءَنياڳي لغڙ اڏائڻ کان ڪيترو روڪيندي آهيان......پر تون منهنجي هڪ به نه ٿو ٻڌين.مان تنهنجي دشمن ناهيان ابرار دلئي دل ۾پنهنجي حرڪت تي پشيمان ٿيو ۽ نه رڳو ڇت تي لغڙ اڏائڻ کان توبهه ڪيائين پر دل لڳائي پڙهڻ جو به پڪو پهه ڪيائين.

(1999ع ۾ ڇپيل ”سنڌ پرڪي“ ڪتاب مان ورتل)

# امام راشدي

| | |
|---|---|
| نالو: | سيد امام المتقين راشدي |
| پيءُ جو نالو: | سيد بدرالدجيٰ راشدي |
| جنم: | 3-12-1960 پير جو ڳوٺ لڳ نئون ديرو |
| تعليم: | ايم اي (سنڌي) |
| ادب سان تعلق: | ننڍپڻ کان |
| لکڻ جي شروعات: | 1984ع |
| پهرين لکڻي: | ”گل ڦل“ جولاءِ 1984ع (ٻاراڻي لکڻي ”لالچ“ |
| ادبي سڃاڻپ: | ٻاراڻو ليکڪ، محقق |
| ڏس پتو: | پير جو ڳوٺ نئون ديرو ضلع لاڙڪاڻو |

# ڪڇي جي سوڪڙي

مٽي تي ڪتابن جي ٻُجڪي جنهن ۾ ٻئي هٿ ائين وڌل جڻ گاهه جي ڀري ڪنيون تي آيو.سٽڻ جا ور ڀنين تائين ڪڇيل.پيرن ۾ ربڙ جي چپل ،پير مٽيءَ ۾ ڀيوت ،قميص جي ڳچي ڪليل.سندس چهري ۾ نماڻائي بہ هئي تہ شوخي بہ !هُو ڀيءُ جي ڀر ۾ ائين ويٺو هو جڻ ڏوهاري سپاهيءَ سان ويٺو هجي .پٽس استاد سان ڳالهائي رهيو هو."سائين هن منهنجي پٽ کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي.ڳوٺ ۾ پڙهندو هو پر ڳوٺ واري اسڪول ۾ ماستر اچي ئي ڪونہ جي اچي تہ وري ٻارن کان ڪاٺين جي ڀري ڪرايون ڪڏهن پلي پٽرايون اهو جو ويندو رهيو.مون تي مهرباني ڪر هن کي پڙهاءِ."ماستر ڇوڪري ڏانهن ڏنو.ڇوڪري بہ استاد کي ڏنو پر استاد جي اکين کي ڏسي نہ سگهيو ۽ هو ڪلاس ۾ ويٺل ڇوڪرن کي ڏسڻ لڳو.سيئي ڇوڪرا هن نئين ڇوڪري کي ڏسڻ لڳا."نيڪ آ ڪاڪا ڀلي هتي پڙهي....."استاد ڇوڪري جي ڀيءُ کي چيو ۽ هُو هليو ويو.استاد ڇوڪري کي وٺي،بئنچ تي ٻين ٻارن سان گڏ ويهاريو.ڪلاس مان ڪنهن ڇوڪري رڙ ڪري چيو"سائين اها سوڪڙي ڪٿان جي آهي؟"استاد سيني ٻارن ڏانهن ڏنو سڀ خاموش تي ويا .ڪنهن ڪجهہ نہ ڪونہ پڇيو."نالوچا تي؟؟"استاد ڪرسيءَ تي ويهندي هن کان پڇيو "وحيد..."هن نالو ٻڌايو.استاد کيس تاڪيد ڪندي چيو تہ "وحيد سڀاڻي اسڪول اچين تہ ٽپ ٽاپ تي اچجانءِ هي جيڪي حال ڪري آيو آهين اهي درست هجن.هي شهر جو اسڪول آ ڪڇي جو اسڪول ناهي.جتي منهن ڌوتل هجي يانہ هجي يا وري لٽا بہ......"استاد وحيد کي سخت هدايت ڪندي چيو.وحيد ها سائين چئي بس ڪئي.وحيد ويٺي ويٺي سيني ٻارن جو جائزو ورتو.سيئي ٻار پڻ هنکي تڪي رهيا هئا ۽ پڻ ۾ سس پس ڪري رهيا هئا ۽ پوءِ مُجوءَ استاد کان پڇيو هو "سائين هي ڇوڪرو ڪاٿئون آيو آ ۽ هتي پڙهندو"استاد جيڪو الائي چا لکي رهيو هو تنهن چيو "هي ڪڇي جو ڇوڪرو آ ۽ هتي پڙهندو""هان....تہ چئبو ڪڇي جي سوڪڙي آ" مُجوءَ نهہ پهہ ورندي ڏني هئي ۽سڄي ڪلاس ۾ ٺهڪڙو مچي ويو.استاد کيس ڏنو تہ "مُجو عجيب انداز ۾ کلي رهيو هو.الائي چو استاد نہ چاهيندي بہ کلي ويٺو.چو تہ کيس مُجوءَ جي شرارتن جي سُڌ بہ هئي.۽پوءِ مُجوءَکي ٻُجو ڏيندي چيوهئائين "اڙي ٺُڪ تي دڪ ٻلا" ۽ پوءِ وري ڪلاس ۾ ٺهڪڙو مچي ويو هو.

اهو سچو ڏينهن تہ وحيد ماٺ ڪيون ويٺو رهيو.ٻئي ڏينهن وحيد جيئن ئي ڪلاس ۾ گهڙيو تہ سيني ٻارن هڪ ٻئي کي چيو "اچي وئي ڪچي جي سوڪڙي"وحيد کي خار تہ ڏاڍي لڳي هُن ورندي ڏيڻ پئي چاهي پر جڏهن استاد ڏي ڏٺائين تہ هو بہ ڪلي رهيو هو تڏهن وحيد بہ ڦڪي ڪل ڪلندو وڃي بئنچ تي ويٺو.هن ڪنڌ ورائي مُجوءَ کي ڏٺو.جيڪو ڏند ڪڍي کلي رهيو هو ۽ ڪلڻ ۾ سندس اکيون بہ ٻوٽجي ويون هئس.هن کي گهٽي ڪاوڙ مُجوءَ تي هئي جنهن مٿس اهو نالو رکيو هو پر مُجوءَ جي ڪلڻ هن کي ڪلائي وڌو هو ۽ پوءِ دل ۾ چيو هئائين سائين بہ سٺو نالو رکيو اٿس دک پلو.هو ٿورو مشڪيو ۽ڪانئس وات مان نڪري ويو دک پلو.مُجوءَ اهو ٻڌي مُنهن ڪنو ڪيو هو ۽ پوءِ وحيد سمجهي ويو هو تہ مُجو دک پلي تي چڙي ٿو تہ ڪيس دل ۾ خوشي محسوس ٿي هئي.هُن ارادو ڪيو هو تہ هاڻي جيڪڏهن مون کي ڪچي جي سوڪڙي چوندو تہ مان وري ڪيس دک پلو چئي چيڙائيندس ۽ اهو سلسلو چڻ شروع ٿي ويو.جڏهن بہ مُجو وحيد کي ڪچي جي سوڪڙي چوندو هو وحيد وري ڪيس دک پلو چوندو هو ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن تہ وڙهي بہ پوندا هئا پر مُجو شهري ڇوڪرو هو چالاڪ ۽ وڙهڻ جو ڪوڏيو هوندو هو.ساڻس شرارتن ۾ ڪجهہ ٻيا سنگتي بہ شامل هوندا هئا.پر اڳيان بہ ڪچي جو ٻار ڪير مڪڻ جو پليل هو.سو گهٽ وحيد بہ نہ ڪندو هو.جڏهن مُجوءَ ڏٺو تہ وحيد اصل نہ ٿو مڙي تڏهن ساڻس وڙهڻ جو ارادو ڪيو.ان لڪاءِ هُن مختيار ،اطهر ۽ جهانگير کي بہ پاڻ سان ٻڌو ۽ پوءِ سيني صلاح ڪئي تہ اڄ موڪل ۾ ڪچي جي سوڪڙي کي اهڙي ڌمال ڪيندا سين جو وري ياحياتي اٿين نہ چوندو.هنن اهو پڪو پهہ ڪري هاڻي انتظار ڪرڻ لڳا .هوڏانهن وحيد بہ سمجهي ويو تہ اڄ مُجوءَ وارا مون سان وڙهندا هن وڃي استاد سان حال اوريو"سائين مُجو مون کي ڌاڙهيون ٿو ڏي تہ تون موڪل ۾ نڪر ٻاهر تہ توکي ماريندا سين"استاد جيڪو ڪجهہ لکي رهيو هو تنهن نهہ پهہ مجو کي سڏ ڪيو.مُجو وائڙو ٿي ويو ۽ اچي استاد جي پرسان بيٺو"اڙي مجو وحيد سان چو ٿو وڙهين چئينس ٿو تہ موڪل ملي تہ توکي ماريندس.اڙي دک پلا ڪن ڪولي ٻڌ جي هن سان وڙهيو آهين تہ پوءِ سياڻي ڪل لاهي ڇڏيندوسانءِ." مُجو چيو"سائين مون سان بہ وڙهي ٿو"..."اري توسان وڙهي ٿو تہ مونکي ٻڌائيندو ڪر نہ....اڙي وحيد ....تون بہ سُڌر اهو ڪچي وارو دماغ گهر رکي ايندو ڪر.سمجهئيہ هي توسان وڙهن تہ مون کي ٻڌائيندو ڪر "استاد ٻنهي کي دڙڪا ڏنا ۽ ٻئي وڃي بئنچ تي ويٺا .پرمُجوءَ جن پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيا ۽ جڏهن موڪل ملي تہ وحيد اسڪول کان نڪتو.مُجوءَ جن اڳ ۾ تڪڙا تڪڙا ڊڪندا گهر وياءِ ڪتاب رکي وڃي وحيد جن جي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ دڳ تي وڃي لڪي ويٺا.جيئن ئي وحيد شهر مان

گهمندو ڦرندو شيءِ ورتيون ڳوٺ پئي ويو تہ مُجوءَ کيس هڪل ڪندي چيو"اڙي او ڪچي جي سوڪڙي اتي بيهہ "وحيد جيڪو نارنگي کائي رهيو هو تنهن پوئتي مُڙي ڏٺو تہ مُجو اڳ ۾ ۽ پويان مختيار ۽ جهانگير تڪڙا تڪڙا ڏانهنس اچي رهيا هئا هو بيهي رهيو هن هيڏي هوڏي ڏٺو پر کيس ڪوبہ نظر نہ آيو.هو سمجهي ويو تہ مُجوءَ وارا وڙهندا ۽ هو بہ تيار ٿي ويو پر اڳيان ہہ ٿي چٽا هئا.وحيد ہي راهہ نہ ڏسي کين چيو تہ"سياڻي مان سائين کي چوندس""اڙي ڇا ڪندو سائين وڏ ۾ وڏ ہہ ٿي لڪڻ هٽندو نہ باقي توکي تہ سبق ملي ويندو نہ."مُجو جيڪو سيني جي اڳيان ۽ تڪڙ ۾ ڳالهائي رهيو هو تنهن وحيد کي ڳچيءَ کان وٺندي چيو ۽ وحيد کي ڌڪو ڏنو هو هيٺ تہ نہ ڪريو پر سندس ڪتاب ۽ نارنگي ڪري پيا.هن خارمان گارڏيندي مُجوءَ تي اُلرڪئي ۽ کيس مُنهن ۾ چنبو وهائي ڪڍيو مُجوءَ کي چنبو ڇا لڳو ڇڻ ڪکر ۾ ڪڙو لڳو.مختيار ۽ جهانگير ۽ اطهر پنهنجي سنگتي مجو جي اها حالت نہ ڏسي سگهيا ۽ وارو وارو ٿي وئي ويچاري وحيد کي ٺاهوڪي مارڪيڪائون.وحيد بہ کين ڏک تہ ٺاهوڪا پئي هنيا پر هو هڪ چٽو ۽ پريان چار چٽا هئا.سوري بہ شڪر ٿيو جورستي سان وحيد جن جي ڳوٺ وارو ڪاڪو سانول پئي ويو.جنهن پري کان ئي مُجوءَ وارن کي هڪلون ڏيندي پئي آيو.وحيد کي ڇڏائي وڏائين.وحيد صفا ڏوڙ ۾ پيوت ٿي ويو هو.روئي بہ رهيو هو تہ هڪ هڪ گار ڏئي رهيو هو جو الله پيو پناهہ ڏئي.ڪاڪي سانول وحيد کي اٿاريو ۽ سندس لٽا چنڊڻ لڳو.وحيد کي منهن تي رهندون گهٽيون آيون هيون.جن مان ڪٿان ڪٿان ٿوري رت بہ سمي رهي هئي.هو ڳوڙها اگهندو ڪتاب کنيون ڪاڪي سانول سان ڳوٺ راهي ٿيو.سڄي رات کيس اها ڳالهہ ذهن ۾ هئي تہ رڳو سياڻي ٿئي تہ مان انهن کي چڱي طرح ٺو سائين کان ڪٽرايان.گهر پهتو پڻس ڏاندن کي گاهہ وجهي رهيو هو.سندس ماءُ ماني پچائي رهي هئي.وحيد جا اهڙا حال ڏسي پڻس رڙڪندي چيو"اڙي ......ڪري پيو آن ڇا يا ماستر مارڏني ٿي؟" هو بس ڪيون سڏڪي رهيو هو.سندس اکين مان ڳوڙها وهندارهيا ... چورا .ڏس تہ سهي...."پڻس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو "مان صدقي ...مان گهور.....خدا جي مار پوين ڏس تہ پٽهين کي اهي چورا تہ ..... "ماڻس ماني تئي تان لاهيندي ڏانهنس آئي ۽ کيس ڳراٽڙي پائي ...رئي سان وحيد جا ڳوڙها اگهندي چيو.وحيد سڏڪا پريندي ڳالهہ ڪئي.."اسڪول جا ڇوڪرا هئا.....او مجو وارا ...ہہ ٿي چٽا هئا پر ڇا تي وڙهيئي پڻس ڪائنس وضاحت سان پڇيو.."مون کي ڪچي جي سوڪڙي چئي چيڙائيندا هئا مان بہ هنن کي چيڙايان پيو .....ان تي "وحيد گڏيل ڳالهہ ڪري ٻڌائي..."چڱوچڱو ...سياڻي تئي تہ انهن چورن کي هلي اسڪول ۾ مارڪارائيندااسين تون بس ڪر"

ٻئي ڏينهن ئي وحيد پيءُ سميت اسڪول پهتو.پڻس استاد سان سمورو احوال ڪيو.استاد سمجهي ويو ۽ مُجوءَ ڏانهن ڏٺائين.جيڪو پَوَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن لڪي رهيو هو.استاد وحيد جي پيءُ کي دلداري ڏني ۽ مُجوءَ کي سزا ڏيڻ جو واعدو ڪيو.وحيد پيءُ کي ويندوڏسي ڪيس چيو ابا مان هت نہ پڙهندس.پڻس اهو ٻڌي حيران ٿي ويو."پر ڇو پٽ .......ها بابا مان ڳوٺ پڙهندس...شهر ۽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي."وحيد نماڻي منهن سان پيءُ کي چيو.استاد وحيد کي دلداري ڏني ۽ مُجوءَ کي سڏي ڪيس سمجهايو.مجوءَ جي اکين ۾ شرمساري هئي.استاد ڪيس چيو تہ"تون وحيد کان معافي وٺ جواڳرائي تو ڪئي آهي"مُجو پهريائين تہ ڪيس ڏسندو رهيو ۽ پوءِ وڌي وحيد کان معافي ورتائين ۽ وحيد سان ڀڪجي ويو.ٻنهي جي مُک تي مُرڪ تري آئي ۽ پوءِ پاڻ ۾ پڪا سنگتي ٿي ويا.

# انور ابڙو

| | |
|---|---|
| والد جو نالو: | علي گل ابڙو |
| جنم جي تاريخ: | پهرين جنوري 1965ع |
| جنم جي جاءِ: | ڳوٺ لالي جا پاڻ تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو |
| بي .اِي(B.E) | (ميٽلرجيڪل انجنيئرنگ)مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي ڄامشورو 1991ع |
| بي.اَي(B.A) | سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1987ع |
| ايم اي | ماس ڪميونيڪيشن اردو يونيورسٽي ڪراچي. |
| فري لانسنگ: | فري لانس جرنلسٽ ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ مختلف سنڌي اردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ رسالن جي لاءِ لکڻ. |
| ادبي ڪم: | ڪهاڻيون ،شاعري ،ڪالم ،مضمون ،ڪتابن تي تبصرا،خاڪا ۽ فيچرس لکيا.جيڪي مختلف انگريزي ،اردو ۽ سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن پيا. |
| اليڪٽرانڪ ميڊيا | سنڌيءَ ۾ هيٺيان چار انفرادي ٽي وي ڊراما لکيا |
| ٽي ڪل ڪم: | (1)باک جي آس (2)ڳوڙهن سندا ڳل(3)عروج (4) پيار ناهي پاپ<br>ڪي ٽي اين لاءِ سيريل ”ڪشالا“لکي سنڌ ٽيويءَ تي اسڪرپٽ ايڊيٽر،ڊائريڪٽر ۽ اسڪرپٽ رائيٽر جي طور تي ٻه سال ڪم ڪيو. |
| سرڪاري ملازمت: | (1) پاڪستان اسٽيل ملز ڪراچيءَ ۾ ڪجهه عرصي تائين ميٽلرجيڪل انجنيئر ٿي رهيو.<br>(2)سنڌ مدرسه الاسلام ۾1995ع کان هيڊ آف ٽيڪنيڪل سيڪشن ۽ پبلڪ رليشن آفيسر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. |
| ڇپيل ڪتاب: | خودڪُشيءَ جون رومانس ڪهاڻيون ۽ ڪجهه ترجمن جا ڪتاب |

# مار ناهي سنوار

اباڙي گهوڙا ڙي مري ويس....سائين مري ويس وري نه گُسائيندس منهنجي توبه سائين.....سائين منهنجي توبه .....وري سائين...........!!!!

اڙي ڏي خبر اڳتي گُسائيندين ؟هان....گهڻا دفعا توکي سمجهايو آ ته بابا نه گُساءِ ...نه گُساءِ پر نٿو مڙين...مٿو هڻي هڻي ٿڪو آهيان.تون اهڙو جو اهڙو.اڄ تنهنجي ڪل لاهي پوءِ گهر موڪليندو سانءِ تهجيئن تنهنجي مالڪن کي به تنهنجن افعالن جي خبر پوي ۽ اوڙي پاڙي وارا به ڏسنئي.

رحمان سڏڪن ئي سڏڪن ۾ اڳتي نه گُسائڻ ۾ ڪلاس جو ڪم پورو ڪري اچڻ جو استاد سان واعدو ڪري ڪيس ايلاز ڪري ڳاڙهن هٿن کي مهٽيندو ڦوڪون ڏيندو ۽ هٿ جي ترين سان ڳوڙها اگهندو اچي پنهنجي ڊيسڪ تي ويهندو هو.ڇوڪرا ڪيس احساس ڀرين نگاهن سان ڏسي وري استاد جي مار جي ڀئه کان ڪتابن سان اکيون ملائي پڙهڻ ۾ لڳي ويندا هئا.رحمان جون رڙيون ۽ استاد جي مار لازم ملزوم ٿي ويا هئا.

هو سڄي اسڪول ۾ چڱيءَ طرح سڃاتو ويندو هو.هوشيارپ جي لحاظ کان نهپر مار جي لحاظ کان.مار کائي کائي اهڙو ته پڪو ۽ نٽر ٿي ويو هيو جو يو ڪير به ڇوڪرو هن سان اکيون نه ملائي سگهندو هو.

ڪتابن سان هن جي مور نه پوندي هئي.ڪن ڪتابن جا پهريان سبق ڦاٽل وريڪن جا وچ ۽ پڇاڙيون.بوڪن تي به سڏيون فٽّيون ليڪون پاتل.اڌ مان پنا ڦاٽل فقير ۽ غريب جي ڪپڙن جيان.ڪتاب هن کي نانگن جا بِر لڳندا هئا.جن کي کولڻ سان ڇڻ نانگن جي ڏنگڻ جو خوف ورائي ويندو هجيس.هن جون دلچسپيون ۽ مشغلہ به هئا ته اهي هڪ وي سي آر ڏسڻ ۽ ڀيو ڀاڻ جهڙن نڪمن ۽ وي سي آر خورن ڇوڪرن سان دوستي رکڻ.جيڏو هي وي سي آر جي پيرڊ جو پابند هو تيڏو شايد ڪنهن جو ئي هجي.ڪيڏا به ڏينهن هجن منجهند جو به ماني کائيندو هيو الائي نه پر ويو وي سي آر ڏسندو هو.ڪنهن جو جي ڪم هن ۾ پوندو هيو ته به بس وي سي آر تي وينل ملندو هيو.

ڪا نئين فلم آئي ناهي ۽ رحمان جي نظر مان گذري ناهي.اهو ندورو ڏينهن هوندو .جڏهن هن وي سي آر تان ڪو گسايو هجي.اسڪول ۾ ڪڏهن ڪڏهن پلجي وڃڻ ٽيندو هوس ته هميشه هم خيال ڇوڪرن سان ويهندو هيو.اتي به اک استاد ۾ باقي ڳالهائڻ جو

رُخُ پرسان ويتل چوڪرن طرف هوندو هوس.سو بہ ڳالهائڻ جو موضوع بہ فلمون ۽ انهن جا ڊائلاگ هوندا هئا.

رحمان جو پيءُ جون اڳ ۾ بہ ٻہ شاديون ڪيل هيون.پهرئينءَ مان هڪ پٽ ۽ ٻي مان ٻي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هيس.انهن ٻنهي زالن جي هڪ ٻئي پٺيان هميشہ لاءِ الوداع ڪري وڃڻ ڪانپوءِ هنڪي پنهنجن ننڍڙن ٻارڙن جي سار سنڀال لاءِ ٽئين زال جي ضرورت پيش آئي.جيڪا شادي گهٽي وقت ڪانپوءِ سندس زياده راضپي تحت ٿي هئي.ٽين شادي ۾ فطري چاهہ هجڻ ڪري ان مان چاول نَون ٻارن کي زيادهہ پاپوهہ ڏيڻ لڳو ۽ اڳين ۽ پوين ٻارڙن جي وڌي ٿيڻ ڪري.انهن ۾ اٽبٽت پيدا ٿيڻ شروع ٿي.سندس ماءُ بہ انهيءَ لڳل ڪَنڊ ۾ لڙهڻ لڳي.مجبور ٿي رحمان جي پيءُ کي پنهنجو گهر ۽ زمينون اڳين پٽن ۾ ورهائي ڳوٺ مان لڏڻو پيو هو.سندس گهر واري(رحمان جي ماءُ)جو انهن سان گڏ رهڻ هاڻي عذاب کان گهٽ نہ هو.نيٺ هي لڏي شهر ۾ اچي وينا هئا.

رحمان انهيءَ آخري(پوئين)گهر واري مان هجڻ ڪري ۽ ٻيو تہ وڏو بہ هجڻ ڪري پنهنجي پيءُ کي ڏاڍو پيارو هوندو هيو.رحمان جا ٻہ سڳا ڀائر هئا. هڪ هن کان ننڍو هيو.رحمان جي وڏي هجڻ جي ناتي سندس پيءُ پنهنجي زال جي هر راءِ رکڻ واسطي ڪا بہ گُهر يا انگل بنا چُون چُران جي پورو ڪندو هو.رحمان جو پيءُ تي ايترو جادو هيو(ماءُ جي اثر ڪري بہ) جو ڪجهہ بہ پيءُ کي چوندو هيو تہ پٽس ڦٽاڦٽ ڪيس وٺي ڏيندو هيو.جڻ تہ هُو هن لاءِ نہ ڪر سکيو ئي نہ هجي.هوئئن هارين ۽ ڪم لاءِ ايندڙ ماڻهن کي سٺو رُلائيندو هو.

پراون گهرن ۾ وي سي آر ڏسي ڏسي رحمان نيٺ ڪٿو ٿي چڪو هو ۽ ٻيو تہ دوستن بہ ٿورا ٽيڪا ڏيڻ شروع ڪيا هئس تہ" هيڏي ساري ملڪيت هوندي بہ تو وٽ وي سي آر جو نہ هجڻ تنهنجي بدنامي کان گهٽ ناهي."ان تي وري ڪنهن وڏي چيو هوس تہ مانيءَ هوندي بہ بک مرين ٿو پوءِ تہ همراهہ اچي گهر ۾ گهوڙا گهل ۽ ٻائيتال ڏو هيو.سرڪار کان هيڏو سارو(اسان جي نظر ۾)مطالبو مڃائڻ لاءِ وقفن وقفن سان بک هڙتال شروع ڪريڏني هئائين.گهر وارن تہ پهرين ٿورو نتايو ناراضگي ڏيکاري پر هار ڪائي ويا.رحمان کي ايترن پئسن جي وي سي آر وٺي ڏنائون جو ڪنهن غريب جو سٺو جهڳو انهن پئسن مان نهي پئي سگهيو.وي سي آر ملڻ کان پوءِ تہ هن همراهہ جا جاوا ٿي ويا. وي سي آر هلائڻ ڪري هي هاڻي تہ شهر ۾ بہ مشهور ٿي ويو هوپر سڀ ڪيس عزت واري اک سان نہ ڏسندا هئا.ماحول ۾ هن بابت اتندڙ مختلف ڳالهين جي طوفان هن جي ويجهي عزيز عامر کي پنهنجي گهيري ۾ سوڙهو ڪري ورتو.عامر کان اهي افواهہ

غلط يا صحيح اوڙجي نٿي سگهيا.هن طئہ ڪيو تہ هو رحمان کي اهڙن رجحانن ۾ لڳاءَ کان ٻاهر ڪڍي ايندو.هن پاڻ سان ڳالهائي چيو تہ "جيڪڏهن(عامر)پنهنجي زندگي جي ڪنيل پهرين ذميواري سان پورو نياءُ ڪري ويوتہ هُو اڳتي پنهنجي پاڻ سان بہ انصاف ڪري ويندو.

هاڻي عامر صرف رحمان جي باري ۾ پيو صليب گهليندو وتندو هو ۽ سندس ذهن سوچن ۾ گم ڪنهن حل لاءِ ٻوڙون پائيندو وتندو هو.هن جي آڏو رحمان جي پوڙهي پيءُ جي بہ گهنجيل تصوير لڏڻ لڳندي هئي.جنهن ڪانپوءِ هي اڪيلو گهر جو وارث بڻيو هيو پر اهو فيصلو بہ ڪمڪش ۾ هيو تہ رحمان جا ٻين مائرن مان ويڳا ڀائر بہ تہ اجا زنده ويٺا هئا.جيڪي هن کان عمر ۾ بہ وڏا هئا.انهن سمورن مسئلن عامر جي ذهن ۾ سرنگهون وڇائي ڇڏيون .جن مان سندس سٺن خيالن کي صحيح سلامت پار پوڻو هو.

غلط خيال رکندڙ دوستن جي رفاقت رحمان کي ايترو تہ نقصان رسايو هيو جو بورڊ جي امتحان ۾ پنجن پرچن مان ٻن ۾ پاس ٿيو هو ۽ جن ۾ پاس ٿيو هو انهن تي بہ تعجب ڪائي رهيو هيو.عامر ڪنهن قدر پاڻ کي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو ڏسي خوش ٿيڻ لڳو ۽ رحمان کي وڌيڪ سمجهاڻيون ڏيڻ لڳو.هن کي ٻارڙن جي ٿيندڙ مختلف پروگرامن ۾ وٺي وڃي شرڪت بہ ڪرائيندو رهيو.جتي غريب ،مفلس ،ڏتڙيل ۽ بي سهارا ٻارڙا بي ٻپائي ،خود اعتمادي ۽ هوشياريپ سان اهڙا ڪم ڪري رهيا هئا جن تي هر ڪو تعريفي ٻول چوڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهيو.هاڻي رحمان کي اسڪول ۾ غريب ٻارڙن جي هوشيارپ جيڪي بتين ۽ چمنين تي پڙهي ايندا هئا پوءِبجلي تي پڙهندڙن کان بہ هوشيار لڳندا هئا کي ڏسي تعجب ۽ پاڻ تي افسوس ٿيڻ لڳو هيو.

هن کي جڏهن"جڏي هجڻ" جواحساس شدت سان ٿيڻ لڳو تڏهن هي پنهنجون صلاحيتون جيڪي بيڪار مشغلن ۾ وڃائي رهيو هو سي هڪ اهڙي طرف استعمال ڪرڻ لڳو جتي امر ٿيڻ جي قوي امڪان هوندا آهن.جتي ذرڙن مان گهرڙن جو جڙڻ جي قوي امڪان هوندا آهن.جتي ذرتي هندورو ٿيڻ جا قوي امڪان هوندا آهن.اهڙي طرف هن موٽ ڪاڏي هئي.هاڻي اڳيون رحمان وجود وڃائي چڪو هيو.ان مان جيڪو نئون رحمان ڦٽو هيو.ان ۾ فنا ٿيڻ وارا عنصر نہ پر جيئري رهڻ وارا عنصر هئا.

هن جي جڏهن اهڙي سٺي خيال جي سندس گهر وارن کي خبر پئي تڏهن انهن کي ايتري تہ خوشي ٿي جيتري بي اولاد زال مڙس کي ٻار ڄمڻ تي ٿيندي آهي.اهڙي خوشي نہ ڪٽندڙ خوشي ..ها بي انتها خوشي.

(ماهوار "گل ڦل" ڊسمبر 1987 ع ۾ ڇپيل)